
# مکي پاڪ ۽ حج جون

# فضيلتون

**24-June-2021**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

24 جون 2021 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# مڪي پاڪ ۽ حج جون فضيلتون

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگھندؤ..........

❖... ڪعبي شريف جي اول هئڻ جو شان

❖... ڪعبو شريف اَمن وارو مقام آهي

❖... انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام جون حج بابت روايتون

❖... حج جون فضيلتون

پيشڪش
مجلس اَلْمَدِيۡنَۃُ الْعِلْمِیه(اسلامک ریسرچ سینٹر)
(شعبہ بیاناتِ دعوتِ اسلامی)
ترجمو: ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ دعوتِ اسلامي

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! مسجد مسلمان جي پناھ گاھ آهي. مسجد ۾ ڪثرت سان اچڻ جي عادت بڻايو، اِنْ شَآءَ الله! شيطان کان بہ حفاظت ٿيندي، گُناهن کان بہ محفوظ رهندا. هڪ ٻيو ڪم ڪريو! جڏهن بہ مسجد ۾ اچو، ياد ڪري اعتڪاف جي نيت بہ ڪري وٺو! ان جا بہ 2 فائدا ٿيندا: پهريون اهو تہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ، نفل اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو، ٻيو اهو جو مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ، سحري افطاري ڪرڻ، دَم ڪيل پاڻي پيئڻ وغيره جائز ناهي، اعتڪاف جي نيت ڪندا تہ ضمناً اهي شيون بہ جائِز ٿي وينديون.**

## درود شريف جي فضيلت

**حضرتِ سيدُنا حفص رومي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تمام وڏو سردار هو، سندس وفات کان پوءِ ڪنهن خواب ۾ ڏسي پڇيو: "مَا فَعَلَ الله بِڪ" يعني الله پاڪ توهان سان ڪهڙو مُعامَلو فرمايو؟ اُن جواب ڏنو: الله پاڪ مون تي رحم فرمايو، منهنجي بخشش فرمائي ۽ مون کي جنّت ۾ داخِل فرمايو. پڇيو ويو: ڪهڙي عمل سبب؟ جواب ڏنائين: جڏهن بارگاهِ اِلٰهي ۾ حاضِر ٿيس تہ الله پاڪ ملائڪن کي منهنجي گناهن ۽ منهنجي پڙهيل دُرُود جو حساب لڳائڻ جو حڪم ڏنو، جڏهن حساب لڳايو ويو تہ منهنجا دُرُود منهنجي گناهن کان وڌيڪ نڪتا تہ الله پاڪ**

اِرشاد فرمايو: اي منهنجا ملائڪو! ان جي قدرو منزلت توهان تي واضِح ٿي آهي، لهٰذا هن کان وڌيڪ حساب نه وٺو ۽ هن کي جنّت ۾ وٺي وڃو.
(اَلْقَوْلُ الْبَدِيْع، صفحه:124)

دُرود اُن پہ بھیجو سلام اُن پہ بھیجو یہی مؤمنوں سے خدا چاہتا ہے
اگر کوئی اپنا بھلا چاہتا ہے اُسے چاہیے جس کو خدا چاہتا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نِيَّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: ’اَفْضَلُ الْعَمَلِ اَلنِّيَّةُ الصَّادِقَةُ‘ سچي نيت افضل ترين عمل آهي. ( جامع صغير، صفحه:81، حديث:1284)

اي عاشقانِ رسول! چڱي نيت جَنّت ۾ پهچائي ڇڏيندي آهي. هر نيڪ ۽ جائِز ڪم کان پهريان سٺيون نيتون ڪرڻ گهرجن! هن سان عَمَل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ جون ڪجھ سٺيون نيتون ڪيون ٿا، مان نيتون ڪرايان ٿو، اوهان دِل ۾ ارادو ڏسو ته اِنْ شَآءَ الله چئي ان جو اظهار ڪريو: ❖ عِلْم دين سکڻ جي لاءِ سڄو بيان ٻڌندس ❖ عِلمِ دين جو ادب ڪندي اَدَب سان ويهندس ❖ بيان جا اَهم نڪتا (Points) لکي وٺندس ❖ بيان جون جيتريون ڳالهيون ياد رهجي ويون، گهر وڃي گهروارن کي، ٻارن کي، دوست احباب کي ٻڌائي عِلم دِين ڦهلائڻ جو ثواب ڪمائيندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حياتِ ظاهري ۾ هڪ يهودي غير مُسلم ماڻهن مسلمانن تي اعتراض ڪيو ته

توهان جو قبلو **ڪعبو شريف** آهي ۽ اسان جو قبلو بيت المقدس (يعني مَسجِدِ اقصٰي) آهي ۽ بيت المقدس جيئن تہ **ڪعبي شريف** کان اَفضَل آهي، لهٰذا اسان جو دِين توهان جي دين کان اَفضَل آهي، پنهنجي هن دعويٰ تي اُنهن غير مسلمن ڪجهہ دليل ڏنا: مثال طور هڪ دليل اُنهن اِهو ڏنو تہ بيت المقدس ڪعبي کان پهريان تعمير ٿيو ۽ **ڪعبي شريف** جي تعمير بعد ۾ ٿي، ان ڪري بيت المقدس کي اول هجڻ جو شان حاصِل آهي، هن مان ثابِت ٿيو تہ بيت المقدس اَفضَل آهي، غير مسلمن جو ٻيو دليل اهو هو تہ بيت المقدس مُلڪ شام ۾ آهي ۽ مُلڪ شام برڪت واري سر زمين آهي، قيامت جي ڏينهن ميدانِ محشر بہ هتي ئي ٿيندو (خيال رهي! اُن وَقت مُلڪ شام گهڻو وسيع هو، فلسطين بہ مُلڪ شام ئي ۾ شامِل هو، ان ڪري غير مسلمن اهو چيو)، اهڙي طرح بيت المقدس انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام جو قبلو آهي، تنهنڪري بيت المقدس **ڪعبي شريف** کان اَفضَل آهي.[1] غير مُسلمن جي هن اعتراض جي جواب ۾ الله پاڪ سيپاري 4، سوره آلِ عمران جي آيت: 96 ۽ 97 نازِل فرمائي، اِرشاد ٿئي ٿو:

اِنَّ اَوَّلَ بَیۡتٍ وُّضِعَ لِلنَّاسِ لَلَّذِیۡ بِبَکَّۃَ مُبٰرَکًا وَّ ہُدًی لِّلۡعٰلَمِیۡنَ ﴿ۚ۹۶﴾ فِیۡہِ اٰیٰتٌۢ بَیِّنٰتٌ مَّقَامُ اِبۡرٰہِیۡمَ ۬ۚ وَ مَنۡ دَخَلَہٗ کَانَ اٰمِنًا ؕ وَ لِلّٰہِ عَلَی النَّاسِ حِجُّ الۡبَیۡتِ مَنِ اسۡتَطَاعَ اِلَیۡہِ سَبِیۡلًا ؕ وَ مَنۡ کَفَرَ فَاِنَّ اللّٰہَ غَنِیٌّ عَنِ الۡعٰلَمِیۡنَ ﴿۹۷﴾
(پارہ4،سورۃآلِ عمران:96-97)

ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ سڀ کان پهريون گهر جيڪو ماڻهن جي عبادت لاءِ مقرر ٿيو اهو آهي جيڪو مڪي ۾ برڪت وارو ۽ ساري جهان لاءِ رهنما آهي. ان ۾ پڌريون نشانيون آهن، ابراهيم جي بيهڻ جي جاءِ ۽ جيڪو ان ۾ آيو سو امن وارو ٿيو ۽ الله جي لاءِ انهن ماڻهن تي ان گهر جو حج ڪرڻ آهي جيڪو انهيءَ تائين وڃي سگهي ۽ جنهن انڪار ڪيو پوءِ الله ساري جهان کان بي پرواهہ آهي.

---

[1]…تفسیر نعیمی،پارہ:4، آل عمران، تحت الآیۃ96، جلد:4، صفحہ:29 ۔

هنن آيتن ۾ الله پاڪ ڪعبي شريف جي ڇهن صِفتن جو ذِڪر ڪيو آهي: (1) ڪعبو شريف پهرين عِبَادت گاهه آهي. (2) ڪعبو شريف بَرَڪت وارو آهي. (3) ڪعبو شريف تمام جهانن جي لاءِ هدايت جو سبب آهي. (4) ڪعبي شريف ۾ الله پاڪ جون واضِح نشانيون آهن. (5) ڪعبو شريف اَمن وارو مقام آهي ۽ (6) ڪعبي شريف جو حج ڪيو ويندو آهي.

کعبے کی رونق کعبے کا منظر، اللہ اکبر! اللہ اکبر دیکھوں تو دیکھے جاؤں برابر، اللہ اکبر! اللہ اکبر!

دیکھا صَفَا بھی، مروہ بھی دیکھا، تیرے کرم کا جلوہ بھی دیکھا دیکھا رواں اِک سروں کا سمندر، اللہ اکبر! اللہ اکبر!

## قرآنِ ڪريم جو حُسنِ بيان

اي عاشقانِ رسول! هن هنڌ هڪ تمام ايمان افروز مدني گل آهي، اهو هي ته ڪعبو شريف ۽ مَسجِدِ اَقصٰي، اهي ٻئي تمام فضيلت وارا مقام آهن، ❖ الله پاڪ سيپاري: 15 سوره بني اسرائيل ۾ مَسجِدِ اَقصٰي جون به فضيلتون بيان ڪيون آهن، ❖ دُنيا ۾ 3 مسجدون سيني مَسجدن کان اَفضَل آهن: (1) مَسجِدِ حرام (جتي ڪعبو شريف آهي) (2) مسجدِ نبوي شريف (3) ۽ فضيلت جي اعتبار سان دُنيا جي ٽين وڏي مسجد آهي: مَسجِدِ اَقصٰي. ❖ مَسجِدِ اَقصٰي ۾ هڪ نماز پڙهڻ سان 50 هزار نمازن جو ثواب ملندو آهي. (ابن ماجہ، کتاب: اقامۃ الصلاۃ والسنۃفیھا، ماجاء فی الصلاۃ فی المسجد الجامع، صفحہ:229، حدیث:1413) ❖ مَسجِدِ اَقصٰي انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جو قبلو آهي، ❖ مَسجِدِ اَقصٰي اسان جو پڻ پهريون قبلو آهي، اسان جي پياري آقا، مڪي مَدَني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هجرت کان پوءِ 17 مهينن تائين مَسجِدِ اَقصٰي ڏانهن رُخ ڪري نماز ادا ڪيائون پوءِ الله پاڪ جي حڪم سان ڪعبي شريف ڏانهن رُخ فرمايائون. (بخاری، کتاب:اخبار الاحاد، صفحہ:1757، حدیث:7252) ❖ ۽ مِعراج واري مصطفيٰ، سردارِ انبياء صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي آسماني مِعراج واري سفر جي ابتداء به مَسجِدِ اَقصٰي ئي کان فرمائي. (بخاری، کتاب:مناقب الانصار، باب:المعراج، صفحہ:976، حدیث:3887)

مطلب تہ: مَسجِدِ اَقصٰي بہ وڏي فضيلت وارو مقام آهي، ڪعبو شريف بہ وڏي فضيلت وارو مقام آهي، پر غير مُسلمن پنهنجي ناقِص عقل جي مُطابق انهن ٻنهي فضيلت وارين جڳهن جي وچ ۾ ڀيٽ ڪئي، جڏهن پنهنجي طور تي انهن مَسجِدِ اَقصٰي ۽ ڪعبي شريف جي فضيلتن کي پرکڻ جي ڪوشش ڪئي تہ الله پاڪ انهن جي باطِل نظرين جو رَدّ ڪيو، انهن جي اعتراض جو جواب اِرشاد فرمايو، قرآنِ ڪريم جي خوبصُورت ۽ حَسِين اندازِ بيان تي قربان وڃجي! جو الله پاڪ بيان ڪيل آيت سڳوري ۾ غير مسلمن جو رَدّ تہ ڪيو، ڪعبي شريف جون فضيلتون تہ بيان ڪيون پر مَسجِدِ اَقصٰي جي فضيلت کي گهٽ بہ نہ ٿيڻ ڏنو، يعني قرآنِ ڪريم اهو تہ فرمايو تہ **ڪعبو شريف** دُنيا جي پهرين عبادت گاهہ آهي پر اهو نہ فرمايو تہ مَسجِدِ اَقصٰي جي ڪا فضيلت ئي نہ آهي. قرآنِ ڪريم اهو تہ فرمايو تہ ڪعبو شريف بابرڪت آهي پر اهو نہ فرمايو تہ مَسجِدِ اَقصٰي جي ڪا برڪت نہ آهي، قرآنِ ڪريم اهو فرمايو تہ ڪعبو شريف تمام جهانن جي لاءِ هدايت جو سبب آهي پر اهو نہ فرمايو تہ مَسجِدِ اَقصٰي بلڪل هدايت جو سبب ئي نہ آهي، قرآنِ ڪريم اهو فرمايو تہ ڪعبي شريف ۾ الله پاڪ جون واضِح نشانيون آهن پر اهو نہ فرمايو تہ مَسجِدِ اَقصٰي ۾ الله پاڪ جي ڪا نشاني مَوجُود ئي نہ آهي. يعني قرآنِ ڪريم غير مسلمن جو رَدّ بہ فرمايو، ڪعبي شريف جون فضيلتون بہ بيان ڪيون ۽ مَسجِدِ اَقصٰي جي فضيلت ۽ شرف وعِزَّت ۾ ڪمي بہ نہ اچڻ ڏني. مَعلُوم ٿيو: جڏهن بہ ٻن فضيلت وارين شين جو ذِڪر ٿئي، اُنهن ۾ ڪنهن هڪ جو شان بيان ڪرڻو هجي تہ هن انداز سان بيان ڪري سگهجي ٿو جو ٻي شيءِ جي شان ۾ ڪمي نہ اچي، مثال طور اسان جڏهن پنهنجي آقا ومولیٰ، مڪي مَدَني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو شان ۽ عظمت بيان ڪيون تہ هن انداز ۾ بيان ڪيون جو ٻين نبي سڳورن عَلَيۡهِمُ السَّلَام جي شان ۾ بي ادبي نہ ٿئي، جڏهن اسان صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جو شان بيان ڪيون تہ هن انداز سان بيان ڪيون جو اَهلِ بيت ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي شان ۽ عظمت ۾ بي ادبي نہ ٿئي ۽ جڏهن اسان اَهلِ بيتِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جو شان ۽

عظمت جو بيان ڪيون ته اهو به هن انداز ۾، اهڙي ادب سان بيان ڪيو وڃي جو صحابه ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي شان ۽ عظمت ۾ ڪا بي ادبي نه ٿئي.

ہم کو اللہ اَور نبی سے پیار ہے — اِنْ شَآءَ اللہ! اپنا بیڑا پار ہے

اُمہاتُ المؤمنین و چار یار — سب صَحابہ سے ہمیں تو پیار ہے

غوث و خواجہ داتا اور احمد رضا — سے بھی اور ہر اِک ولی سے پیار ہے

اِنْ شَآءَ اللہ! اپنا بیڑا پار ہے

(وسائلِ بخشش، صفحہ:700)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪعبي شريف جي شانِ اَوّلِيت ۽ ان بابت دليل

**اي عاشقانِ رسول!** هينئر اسان سيپاري 4، سوره آلِ عمران جي آيت: 96 ۽ 97 ٻڌڻ جي سَعَادت حاصِل ڪئي، ٻنهي آيت سڳورين ۾ الله پاڪ ڪعبة الله شريف جي 6 صِفتن جو بيان ڪيو آهي، انهن ۾ پهرين صِفَت بيان ڪندي الله پاڪ اِرشاد فرمايو:

اِنَّ اَوَّلَ بَيۡتٍ وُّضِعَ لِلنَّاسِ (پاره4،سورةآلِ عمران:96)

ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ سڀ کان پهريون گهر جيڪو ماڻهن جي عبادت لاءِ مقرر ٿيو.

هن آيت مان مَعلُوم ٿيو: ڪعبو شريف دُنيا جي سڀ کان پهرين عِبَادت گاهه آهي. بلڪ صحابِي اِبنِ صحابِي، حضرت اِبنِ عَبّاس رَضِيَ اللهُ عَنۡه هڪ هنڌ تي ڪعبي شريف کي "سُرَّةُ الاَرض" فرمايو آهي. (مواہب اللدنیۃ، پہلا مقصد، جلد:1صفحہ:35) "سُرَّةُ الاَرض" جي معني آهي: زمين جي ناف (دُن) . مطلب اهو ته زمين جي جنهن

ٽڪري تي ڪعبو شريف مَوجُود آهي، اهو زمين جو حصو سڀ کان پهريان پيدا ڪيو ويو ۽ هتان کان سڄي زمين پکيڙي وئي.

اَصل ۾ جڏهن اها زمين نہ هئي، آسمان بہ نہ هو، عَرشِ الٰهي پاڻي تي هو، الله پاڪ زَور دار هوا موڪلي، جنهن سان پاڻي ۾ وڏيون لهرون پيدا ٿيون، انهن لهرن مان پاڻي تي جهڳ بڻي، پوءِ ان مان بُخارات مٿي اٿيا، انهيءَ بُخارات کي الله پاڪ بلند ڪيو ۽ ان مان آسمان بڻايو. ان ڪري الله پاڪ آسمان کي "دُونهون" فرمايو آهي، ارشاد ٿئي ٿو:

وَهِيَ دُخَانٌ

ترجموڪنزالايمان: ۽ آسمان دونهون هو.

(پاره24،سورۃحٰمٓ السجدۃ:11)

پوءِ پاڻي تي جيڪا جهڳ بڻي هئي، الله پاڪ ان جهڳ کي ڦهلائي ڇڏيو، هن مان اسان جي هيءَ زمين بڻي. هن طرح پهريان زمين بڻائي وئي، پوءِ آسمان بڻايا ويا، پوءِ آسمانن جي تخليق مڪمل ٿيڻ کان بعد زمين کي پکيڙيو ويو، الله پاڪ اِرشاد فرمائي ٿو:

وَ الْاَرْضَ بَعْدَ ذٰلِكَ دَحٰىهَا ﴿۳۰﴾

(پاره30،سورۃالنازعات:30)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ ان کان پوءِ زمين پکيڙيائين

حضرت عبد الله بن عَبّاس رَضِیَ اللہُ عَنْہُما کان رِوَايت آهي تہ جنهن جڳهہ اها جهڳ بڻجي هئي، زمين جو اهو ئي مُبَارَڪ حصو آهي، جتي اڄ ڪعبو شريف مَوجُود آهي. حضرت مُجَاهِد رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: زمين جو اهو حصو جتي هاڻي ڪعبو شريف مَوجُود آهي، اهو زمين جي تخليق کان ٻہ هزار سال پهريان بڻايو ويو هو ۽ حضرت ابوهريره رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان رِوايت آهي: اجا زمين جي پيدائش نہ ٿي هئي، ان کان 2 هزار سال پهريان ڪعبو شريف پاڻي ۾ هڪ دڙي جيان هو، اتي 2 ملائڪ الله پاڪ جي تسبيح ڪندا هئا، پوءِ جڏهن الله پاڪ زمين جي پيدائش جو ارادو ڪيو تہ انهيءَ ٽڪري مان زمين کي ڦهلائي ڇڏيو. (سبل الهدى، الباب الاول ،

جلد:1، صفحہ:140تا141)

خبر پئي: زمين تي پهريون گهر هئڻ تہ گهٽو پوءِ جي ڳالھ آهي، ڪعبو شريف پُوري زمين جي اَصل آهي ڇوتہ زمين جو اهو حصو سڀ کان پهريان پيدا ڪيو ويو ۽ اهڙي طرح تمام زمين ڦهلائي وئي. سُبحٰنَ الله! اهو آهي ڪعبي شريف جي اول هئڻ جو شان ..!!

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪعبي شريف جي عِمَارت ڪڏهن بڻائي وئي؟

**اي عاشقانِ رسول!** اهو تہ مَعلُوم ٿي ويو تہ زمين جو سڀ کان پهريون حصو جيڪو پيدا ڪيو ويو، اهو ئي مقام آهي جتي اڄ ڪعبو شريف مَوجُود آهي، هاڻي سُوال اهو آهي تہ ڪعبي شريف جي عِمَارت سڀ کان پهريان ڪڏهن بڻائي وئي؟ هن سُوال جي جواب جي لاءِ اچو! هڪ ايمان افروز حڪايت ٻُڌون ٿا: منقول آهي تہ هڪ ڀيري حضرت اِمام زَينُ العابدين رضی اللہ عنہ طواف ڪري رهيا هئا تہ هڪ شخص ڪائنس سُوال ڪيو پر اِمام زين العابدين رضی اللہ عنہ ان ڏانهن ڪو ڌيان نہ ڏنو، ايستائين جو پاڻ طواف جا 7 ڦيرا مڪمل ڪري حطيم ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ ميزابِ رَحمت هيٺ ويهي 2 رڪعتون نماز ادا فرمايون، پوءِ سڌو ويهي رهيا ۽ فرمايائون: اهو سُوال ڪرڻ وارو ڪٿي آهي؟ ان شخص کي حاضِر ڪيو ويو، اِمام زين العابدين رضی اللہ عنہ فرمايو: ڇا پڇو ٿا؟ عرض ڪيائين: سائين...!! ڪعبي شريف جو طواف ڪڏهن کان شُروع ٿيو؟ طواف جو شروع ٿيو؟ ڪيئن ڪيو ويندو هو؟ اِمام زين العابدين رضی اللہ عنہ ان شخص کان پڇيو: ڪٿان جو رهواسي آهين؟ چيائين: مُلڪ شام جو آهيان. فرمايائون: مُلڪ شام ۾ ڪهڙي هنڌان؟ عرض ڪيائين: بيت المقدس جي ويجهو. اِمام زين العابدين رضی اللہ عنہ وري پڇيو: ڇا توهان تورات ۽ انجيل پڙهيو آهي؟ ان عرض ڪيو: جي ها! پڙهيو آهي. هاڻي امام زين العابدين رضی اللہ عنہ ان جي سُوال جو جواب ڏيندي فرمايو: اي شامي! منهنجو جواب ياد ڪيو! توهان مون کان

رِوايت نہ ڪندؤ پر صِرف حق ڳالھہ. ڪعبي شريف جو طواف هيئن شُروع ٿيو جو جڏهن الله پاڪ ملائڪن کي ٻڌايو تہ مان زمين ۾ پنهنجي خليفي (يعني حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام) کي بنائڻ وارو آهيان، انهن ملائڪن اهو ظاهر ڪيو تہ اسان خلافت جا وڌيڪ حق دار آهيون، ان تي اللّٰه پاڪ ارشاد فرمايو:

قَالَ اِنِّیْۤ اَعْلَمُ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿۳۰﴾ (پاره1،سورة البقرة:30)

ترجمو ڪنزالايمان: فرمايائين جيڪي توهان نٿا ڄاڻو سو مونکي معلوم آهي.

اللّٰه پاڪ جو اهو اِرشاد ٻُڌي ملائڪن کي لڳو تہ شايد اسان جي هن ڳالھہ سبب الله پاڪ اسان کان ناراض آهي، پوءِ ملائڪن عرشِ الٰهي جي پناھ ورتي، پنهنجن نگاهن کي مٿي ڪٽي عاجزي ڏيکاري، گهڻو رُنا ۽ ست (7) سال تائين عرشِ الٰهي جو طواف ڪندا رهيا، آخر اللّٰه پاڪ انهن ڏانهن رحمت ڀري نگاھ فرمائي ۽ عرش جي هيٺان انهن جي لاءِ 4 ٿنڀن وارو، زَبَرجَد جو هڪ گهر ٺهايو ۽ ملائڪن کي فرمايو: هن گهر جو طواف ڪيو. پوءِ ملائڪ ان گهر جو طواف ڪرڻ لڳا، انهيءَ کي بَيتُ المَعمُور چيو ويندو آهي. پوءِ اللّٰه پاڪ ڪجھہ ملائڪن کي زمين تي موڪليو ۽ حڪم ڏنو تہ زمين تي بہ بَيتُ المَعمُور جهڙو ۽ ان جيترو هڪ گهر ٺهايو. پوءِ جڏهن اهو گهر ٺهي ويو تہ الله پاڪ زمين جي مخلوق کي حڪم ڏنو: جيئن آسمان وارا ”بَيتُ المَعمُور “ جو طواف ڪن ٿا، توهان بہ هن گهر جو طواف ڪيو...!!

(اخبارِ مکہ للازرقی، ذکر بناءالملائکۃالکعبۃ، صفحہ:27تا29)

هڪ رِوَايت جي مُطابِق حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي پيدائش کان 2 هزار سال پهريان، بَيتُ المَعمُور جي بلڪل سِڌائي ۾ ملائڪن ڪعبي شريف جي عِمَارت ٺاهي، اهو گهر ايراضي ۾ بَيتُ المَعمُور جي برابر هو، ان وَقت ڪعبي شريف جو طواف تہ صِرف زميني ملائڪ ڪندا هئا پر ان جو حج زمين و آسمان جا سمورا ملائڪ ڪندا هئا. (تفسير خازن، پاره:4، آلِ عمران، تحت الآية:96، جلد:1، صفحہ:271)

مشهور مفسر قرآن، حڪيم الاُمَّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ان وَقت ڪعبو شريف زمين جي پٿر وغيره سان ڪونہ ٺهيو هو بلڪ ان عمارت جو سامان آسماني لال ياقوت هئا، پوءِ آدم عَلَيۡهِ السَّلَام ان اڏاوت ۾ ڪجھ اضافو ڪيو ۽ پاڻ بہ ان جو طواف ڪندا هئا ۽ ان ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهندا رهيا، پوءِ حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام جي صاحبزادي حضرت شيث عَلَيۡهِ السَّلَام ان جي ڪجھ مرمت ڪئي، حضرت نُوح عَلَيۡهِ السَّلَام جي مُبَارَڪ زماني تائين ڪعبو شريف ساڳي حالت ۾ رهيو، پوءِ جڏهن طوفانِ نوح آيو، ان وَقت آسماني عمارت آسمان تي کنئي وئي، ان جو صِرف هڪ ياقُوت باقي رکيو ويو، جنهن کي حجرِاَسوَد چيو ويندو آهي ۽ زميني عِمَارت کِري سفيد ٽڪر جي شڪل ۾ رهجي وئي، پوءِ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام الله پاڪ جي حڪم سان ٻيهر ڪعبي شريف جي تعمير ڪئي. (تفسير نعيمی،پارہ:4، آل عمران، تحت الآیۃ96، جلد:4، صفحہ:32 ، خلاصۃً)

هن روايتن مان مَعلُوم ٿيو تہ زمين جي پيدائش کان 2 هزار سال پهريان زمين جو اهو حصو پيدا ڪيو ويو هو، جتي اڄ ڪعبو پاڪ آهي ۽ انسان جي پيدائش کان بہ 2 هزار سال پهريان ڪعبي شريف جي تعمير ٿي چڪي هئي ۽ ملائڪ ان جو حج بہ ڪندا هئا. سُبحٰنَ الله! اهو آهي ڪعبي شريف جي اول هئڻ جو شان.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## طوفانِ نُوح کان پوءِ ڪعبي شريف جي تعمير جو بيان

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت نُوح عَلَيۡهِ السَّلَام جي زماني ۾ جڏهن سخت طُوفان آيو، جنهن ۾ دُنيا غرق ٿي ۽ هڪ قول جي مُطَابق 80 افراد جيڪي حضرت نوح عَلَيۡهِ السَّلَام سان گڏ ٻيڙي ۾ سُوار هئا، صِرف اهي ئي باقِي رهيا، ان وَقت ڪعبہ شريف کي آسمان تي کنيو ويو هو، هاڻي اچو! تاريخي حوالي سان اهو ڏسون ٿا تہ طوفانِ نُوح کان پوءِ پهريان ڪعبي شريف جي تعمير ٿي يا مَسجِدِ اَقصٰي جي. هونئن تہ مَسجِدِ اَقصٰي جي اڏاوت جي باري ۾ بہ مختلف روايتون آهن، مثال

طور هڪ رِوَايت مُطابق ملائڪن جڏهن ڪعبو شريف تعمير ڪيو تہ ان جي ڪجھ عرصي ڪان پوءِ اللہ پاڪ جي حڪم سان ملائڪن ئي مَسجِدِ اَقصٰي جي پهرين تعمير ڪئي، هڪ رِوَايت مُطابِق سڀ کان پهريان حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلام مَسجِدِ اَقصٰي تعمير ڪئي هئي. البت طوفانِ نُوح کان پوءِ **ڪعبو شريف** پهريان تعمير ٿيو يا مَسجِدِ اَقصٰي پهريان تعمير ٿي، هن حوالي سان هڪ رِوَايت اها آهي تہ طوفانِ نُوح کان پوءِ سڀ کان پهرين مَسجِدِ اَقصٰي جو بنياد حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلام رکيو، هڪ ڏينهن حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلام پنهنجي مامي وٽ وڃي رهيا هئا، راھ ۾ هڪ هنڌ تي رات ٿي وئي، حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلام هڪ پٿر سان ٽيڪ لڳائي آرام ڪرڻ لڳا، ان وَقت خواب ئي ۾ پاڻ عَلَيْهِ السَّلام تي وحي نازِل ٿي ۽ انهيءَ خواب ۾ اللہ پاڪ ڪين بيت المقدس (يعني مَسجِدِ اَقصٰي) تعمير ڪرڻ جو حڪم اِرشاد فرمايو. (تاريخ طبری، ذکر اسحاق بن ابراہیم، جلد:1، صفحہ:191)

**اي عاشقانِ رسول!** هن رِوَايت مان مَعلُوم ٿيو تہ طوفانِ نُوح کان پوءِ مَسجِدِ اَقصٰي جي پهرين تعمير حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلام ڪئي جڏهن تہ حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلام اڃا دُنيا ۾ پيدا ئي نہ ٿيا هئا جو سندن ڏاڏي حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلام **مڪي پاڪ** ۾ ڪعبہ شريف جي آباد ڪاري جو انتظام شروع ڪري ڇڏيو هو .

وڏو مشهور واقعو آهي، بخاري شريف ۾ موجود بہ آهي، ان جو خلاصو ڪجھ هيئن آهي تہ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلام وٽ اولاد نہ هو، پاڻ عَلَيْهِ السَّلام اللہ پاڪ جي بارگاھ ۾ دُعا گهري: يااللہ پاڪ! مون کي نيڪ پُٽ عطا فرماءِ. حضرت ابراهيم خليل اللہ عَلَيْهِ السَّلام جي زبانِ مُبارَڪ مان نڪتل دُعا قبول ٿي، ڪجھ ئي عرصي کان پوءِ اللہ پاڪ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلام کي هڪ چنڊ جهڙو خوبصورت، هوشيار، نيڪو ڪار، بااخلاق ۽ باڪردار پٽ عطا ڪيو، جنهن جو نالو "اسماعيل" رکيو ويو.

پُٽ جي وِلادت کي اڃا ڪجھ ئي ڏينهن گذريا هئا جو اللہ پاڪ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلام کي حڪم ڏنو: اي ابراهيم! پنهنجي پُٽ اسماعيل ۽ سندس

والده هاجره کي مڪۂ مڪرمہ ۾ ڇڏي اچو.

الله اڪبر! جان کان پيارو سڪيلڌو پٽ ۽ اهو بہ جيڪو سالن کان پوءِ عطا ٿيو هو، اجا ڪيرپياڪ ٻار هو، جو ان کان جُدائي جو حڪم ٿيو، هڪ پيءُ جي دِل هن جُدائي کي ڪيئن قبول ڪري سگهي ٿي؟ پر قربان وڃو! حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جي اطاعت واري جذبي تي! بَس حڪم ملڻ جي دَير هئي، حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام پنهنجي مالِڪ اڳيان پنهنجو مٿو جهڪائي ڇڏيو. ان حڪم تي عمل جي لاءِ مُلڪِ شام مان صِرف 3 ڄاتين تي مشتمل هڪ قافلو مڪي شريف ڏانهن روانو ٿيو، ان نوراني قافلي ۾ هڪ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام، هڪ سندن پُٽ حضرت اسماعيل عَلَيۡهِ السَّلَام ۽ هڪ ان جي والده حضرت هاجره رحمة الله عليها آهن ۽ جڳهہ جي نشاندهي جي لاءِ حضرت جبريل عَلَيۡهِ السَّلَام بہ ساڻ هئا.

ڏينهن رات سفر ڪندي ڪندي اهو نوراني قافلو آخر هڪ ڏينهن جبلن جي ڪشادي دامن ۾ پهتو، اتي پري پري تائين ڪا آبادي نہ هئي، نہ ڪو چشمو، نہ پاڻي، نہ زِندگي گذارڻ جا ٻيا اسباب، ڪعبي شريف جي زمين اُن وَقت دڙي جي مثل اُونچي زمين هئي، هتي پهچي حضرت جبريل عَلَيۡهِ السَّلَام عرض ڪيو: اي ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام بَس هي ئي اها جڳهہ آهي. اهو ٻڌي حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام سُواري تان لهي، پنهنجي ننڍڙي شهزادي حضرت اسماعيل عَلَيۡهِ السَّلَام ۽ اُن جي والده کي ان دڙي جي ڀرسان لاٿو، ڪجهہ کجورون ۽ ٿورو پاڻي ڏئي واپس موٽي ويا. حضرت هاجره رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهَا عرض ڪيو: اي الله پاڪ جا نبي عَلَيۡهِ السَّلَام! اسان کي هتي غير آباد جڳهہ ۾ ڪنهن جي سهاري ڇڏي وڃو ٿا؟ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام خاموش رهيا، ڪو جواب نہ ڏنائون، حضرت هاجره رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهَا ڪافي ڀيرا پڇيو پر حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام خاموش رهيا، آخِر عرض ڪيائون: ڇا الله پاڪ اوهان کي هن جو حڪم ڏنو آهي؟ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام فرمايو: ها! الله پاڪ جو حڪم آهي، بَس اهو ٻڌڻ هو جو الله پاڪ جي نيڪ ٻانهيءَ حضرت هاجره رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهَا بي مِثال تَوَڪل ۽ پڪي ايمان جو ثبوت ڏيندي عرض

ڪيو: تہ پوءِ خير سان وڃو! الله پاڪ اسان کي هتي ضايع نہ فرمائيندو.

پوءِ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام واپسي جي لاءِ نڪري پيا، ٿورو پري وڃي حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام ٻئي هٿ کنيا ۽ بَيتُ الله شريف ڏانهن چهرو ڪري دُعا گهري:

رَبَّنَاۤ اِنِّیۡۤ اَسۡکَنۡتُ مِنۡ ذُرِّیَّتِیۡ بِوَادٍ غَیۡرِ ذِیۡ زَرۡعٍ عِنۡدَ بَیۡتِکَ الۡمُحَرَّمِ ۙ رَبَّنَا لِیُـقِیۡمُوا الصَّلٰوۃَ فَاجۡعَلۡ اَفۡـِٕدَۃً مِّنَ النَّاسِ تَہۡوِیۡۤ اِلَیۡہِمۡ وَارۡ زُقۡہُمۡ مِّنَ الثَّمَرٰتِ لَعَلَّہُمۡ یَشۡکُرُوۡنَ ﴿۳۷﴾

(پاره13،سورة ابراهيم:37)

ترجمو ڪنزالايمان: اي منهنجا رب مان پنهنجي ڪجھ اولاد هڪ واديءَ ۾ رهائي آهي تنهنجي عزت واري گھر وٽ اي منهنجا رب هن جي واسطي تہ اهي نماز قائم رکن پوءِ ماڻهن جي دل ڪجھ انهن جي طرف لاڙي ڇڏ ۽ کائڻ جي واسطي انهن کي ڪي ميوا عطا ڪر من اهي شڪر ڪن.

جڏهن حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام واپس موٽي ويا، حضرت هاجره رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهَا وٽ پاڻي ختم ٿي ويو تہ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهَا پاڻي جي ڳولا ۾ صَفَا ۽ مَروَه نالي ٻن جبلن تي 7 چڪر لڳايا، آخر حضرت اسماعيل عَلَيۡهِ السَّلَام جي قدم مُبَارَڪ يا حضرت جبريل عَلَيۡهِ السَّلَام جي پَر هڻڻ سان زم زَم جو چشمو ظاهر ٿيو، ڪجھ عرصي کان پوءِ قبيلہ جُرهَم جا ماڻهو بہ هتي اچي آباد ٿي ويا، اهڙي طرح حضرت ابراهيم عَلَيۡهِالسَّلَام جي گهريل دُعا پُوري ٿيڻ شروع ٿي.

پوءِ جڏهن حضرت اسماعيل عَلَيۡهِ السَّلَام جي عمر مبارڪ 7 سال يا 13 سال يا ان کان ڪجھ وڌيڪ ٿي تہ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام کي پُٽ جي قرباني پيش ڪرڻ جو حڪم ٿيو، هاڻي بہ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام پنهنجي رَبّ جي بارگاھ ۾ ڪنڌ جهڪايو، مڪي شريف آيا ۽ پٽ جي قرباني پيش ڪرڻ چاهي پر الله پاڪ جنّت مان گهيٽو موڪليو، ان کي حضرت اسماعيل عَلَيۡهِ السَّلَام جي فِديي ۾ قربان ڪيو ويو، ان کان پوءِ الله پاڪ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام کي ڪعبو شريف تعمير

ڪرڻ جو حڪم اِرشاد فرمايو، حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام ۽ حضرت اسماعيل عَلَيۡهِ السَّلَام گڏجي ڪعبي شريف کي ٻيهر تعمير ڪيو. (بخارى، كتاب: احاديث الانبياء، صفحہ:858تا860، حديث:3364خلاصةً)

حضرت ابُو ذَر غفاري رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ فرمائن ٿا: مون هڪ ڏينهن سرڪارِ عالي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهه ۾ عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ! زمين تي سڀ کان پهرين ڪهڙي مسجد ٺهرائي وئي؟ ارشاد فرمايائون: مَسجِد حرام (يعني خانہ ڪعبہ شريف). مون ٻيهر عرض ڪيو: ان کان پوءِ ڪهڙي مسجد تعمير ٿي؟ اِرشاد فرمايائون: مَسجِدِ اَقصٰي. مون عرض ڪيو: انهن ٻنهي جي تعمير جي وچ ۾ ڪيتري مُدَّت آهي؟ ارشاد فرمايائون: 40 سال.
(مسلم، كتاب:المساجد و مواضع الصلاة، صفحہ:194، حديث:520)

يعني خانہ ڪعبہ شريف مَسجِدِ اَقصٰي کان 40 سال پهرين تعمير ڪيو ويو، عالم سڳورا فرمائن ٿا: هن حديثِ پاڪ جي مُراد اها آهي تہ جڏهن حضرت يعقوب عَلَيۡهِ السَّلَام مَسجِدِ اَقصٰي جو بنياد رکيو، ان کان 40 سال پهريان حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام ڪعبي شريف کي تعمير ڪيو. (انس الجليل، جلد:1، صفحہ:71)

مَعلُوم ٿيو طوفانِ نُوح کان پوءِ پهرين جيڪا مَسجِد تعمير ٿي، اها بہ ڪعبو شريف ئي آهي، سُبحٰنَ الله! اهو آهي ڪعبي شريف جي اول هئڻ جو شان...!! هاڻي انهن تمام روايتن کي سامهون رکي ٻڌو! الله پاڪ ڪعبي شريف جي شان ۾ اِرشاد فرمائي ٿو:

اِنَّ اَوَّلَ بَیۡتٍ وُّضِعَ لِلنَّاسِ لَلَّذِیۡ بِبَکَّۃَ
(پاره4،سورةآلِ عمران:96)

ترجمو ڪنزلايمان: بيشڪ سڀ کان پهريون گهر جيڪو ماڻهن جي عبادت لاءِ مقرر ٿيو اهو آهي جيڪو مڪي ۾ آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان شروع ۾ ٻڌو تہ غير مسلم ماڻهن مسلمانن تي اعتراض ڪندي چيو هو تہ بيت المقدس جيئن تہ مُلڪ شام ۾ آهي ۽ مُلڪ

شام بابرڪت سرزمين آهي، لهٰذا بيت المقدس **ڪعبي شريف** جي مقابلي ۾ وڌيڪ اَفضَل آهي، جيئن الله پاڪ اِرشاد فرمائي ٿو: سڀ کان پهريون گھر جيڪو ماڻهن جي عِبَادت جي لاءِ بڻايو ويو اهو آهي جيڪو **مڪي پاڪ** ۾ آهي.

مَعلُوم ٿيو بيت المقدس وڏي فضيلت وارو آهي، اهو مُلڪ شام ۾ آهي ۽ مُلڪ شام گھڻو بابرڪت مقام آهي پر ڪعبو شريف **مڪي شريف** ۾ آهي ۽ **مڪو پاڪ** اُنهن ٻن شهرن مان هڪ آهي جيڪو دُنيا جي تمام شهرن ۾ سڀ کان وڌيڪ فضيلت وارا آهن، اهي ٻه شهر ڪهڙا آهن؟هڪ **مَدِينۃ مُنَوَّره** ۽ ٻيو **مَڪہ مُڪرَّمَہ.**

## مَڪہ مُڪرّمَہ جون فضيلتون

❖ **مڪو شريف اهو شهر آهي** جنهن کي اُمُّ القريٰ (يعني تمام شهرن جي اَصل) چيو وڃي ٿو ، ❖ **مڪو شريف اهو شهر آهي** جو اجا زمين نہ بڻائي وئي هئي، ان کان 2 هزار سال پهريان ملائڪ **مڪي شريف** جي سرزمين تي تسبيح ڪندا هئا، ❖ انسانن جي پيدائش کان 2 هزار سال پهريان کان ملائڪ **مڪي شريف** ۾ حج ڪندا هئا، ❖ **مڪو شريف** بابرڪت آهي، ❖ **مڪو شريف** امن وارو آهي، ❖ **مڪو شريف اهو مبارڪ شهر آهي** جنهن کي حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام آباد ڪيو، ❖ **مڪو شريف اهو مبارڪ شهر آهي** جو حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام ان ڏانهن دل سان دُعا فرمائي، ❖ **مڪو شريف اهو مبارڪ شهر آهي** جو جتي جي رهواسين جي لاءِ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام رِزق جي دُعا فرمائي ۽ الله پاڪ حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جون اهي ٻئي دُعائون قبول ڪيون، ❖ **مڪو شريف اهو مبارڪ شهر آهي** جو جتي وڃڻ جي لاءِ سڄي دُنيا جا مسلمان تڙپندا رهن ٿا، دليون ان ڏانهن مائِل ٿينديون آهن، ❖ **مڪو شريف** الله پاڪ جي سڀ کان محبوب نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پيدائش جو هنڌ آهي، ❖ **مڪو شريف اهو مبارڪ شهر آهي** جتي آخري آسماني ڪتاب يعني قرآنِ ڪريم جي نُزُول جي ابتداء ٿي، ❖ **مڪو پاڪ اهو مبارڪ شهر آهي** جتان کان دِينِ اسلام

جو آغاز ٿيو، ❖ **مڪو پاڪ اهو مبارڪ شهر آهي جو الله پاڪ پنهنجي پياري نبيءَ، مڪي مدني** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **کي مِعراج جي لاءِ هتان کان پنهنجي بارگاهه ۾** گهرايو ۽ آسمانن جي سير ڪرائي، ❖ **مڪو پاڪ اهو مبارڪ شهر آهي جو جتي الله پاڪ جي حبيب، دِلين جي طبيب** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **پنهنجي ظاهري حياتي جا** 53 سال گذاريا، ❖ **مڪو شريف اهو مُبارَڪ،** مقدس شهر آهي جو الله پاڪ هن شهرِ پاڪ بابت قسم ارشاد فرمايو آهي، مثال طور هڪ هنڌ تي اِرشاد آهي:

لَآ اُقْسِمُ بِهٰذَا الْبَلَدِۙ(۱) وَاَنْتَ حِلٌّۢ بِهٰذَا الْبَلَدِۙ(۲)

(پاره30،سورةالبلد:1-2)

ترجمو ڪنزالايمان: مونکي هن شهر جو قسم. جو اي محبوب تون هن شهر ۾ تشريف فرما آهين.

## ڪعبو شريف برڪت ۽ هدايت وارو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪعبي شريف جو ٻيو ۽ ٽيو وَصف بيان ڪندي الله پاڪ اِرشاد فرمايو:

مُبٰرَكًا وَّ هُدًى لِّلْعٰلَمِیْنَۚ(۹۶)

(پاره4،سورةآلِ عمران:96)

ترجمو ڪنزالايمان: برڪت وارو آهي ۽ ساري جهان لاءِ رهنما آهي.

**علّامہ محمود آلوسي** رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه **هن آيت جي حوالي سان فرمائن ٿا:** آيت جي معنيٰ اها آهي تہ ڪعبو شريف تمام ڀلائي وارو آهي، هتي هڪ نيڪي جو ثواب وڌي (هڪ لک جي برابر ٿي) ويندو آهي. **حضرت ابن عباس** رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه **فرمائن ٿا:** جيڪو ڪعبي جو حج ڪري، جيڪو ان جو طواف ڪري، جيڪو ڪعبي شريف جو اعتڪاف ڪري، ان جا گُناهہ بخشيا ويندا آهن.

**علّامہ آلوسي** رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه **وڌيڪ فرمائن ٿا:** ڪعبي شريف جي بابرڪت هئڻ جو هڪ مطلب اهو بہ آهي تہ هتي هر وَقت عِبادت ٿيندي رهندي آهي. پوءِ ان بابت

دليل ڏيندي فرمائن ٿا: اسان جي زمين ڪروِي (يعني آني جي شڪل جيان) آهي، ان ڪري دُنيا ۾ جڏهن ڪنهن مُلڪ ۾ فجر جو وَقت ٿيندو آهي تہ ڪنهن ٻي مُلڪ ۾ اُن وَقت ظهر جو وَقت ٿي رهيو هوندو آهي، ڪٿي عصر جو وَقت ٿيندو آهي تہ ڪٿي مغرِب جو ۽ ڪٿي عشاء جو ٿيندو آهي، اهڙي طرح هر وَقت دُنيا ۾ ڪٿي نہ ڪٿي ڪنهن نہ ڪنهن نماز جو وَقت ٿيندو ئي آهي، لہٰذا ڪو اهڙو وَقت خالي ناهي رهندو جنهن ۾ ڪعبي شريف ڏانهن رُخ ڪري نماز نہ پڙهي ويندي هجي. (روح المعانی، پاره:4، آلِ عمران،تحت الآیۃ96، جلد:2، صفحہ:303)

مُفَسّرِ قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ڪعبو شريف انسان، جِنّات بلڪ ملائڪن جو بہ قبلو آهي، ان ڪري ان کي عالَمِين (يعني تمام جهانن) جي هدايت فرمايو ويو، پڻ اهو انسانن کي جنّت جي هدايت ڏيندو آهي، ان ڪري هُدًى (يعني هدايت ڏيڻ وارو) فرمايو ويو. (تفسير نعيمی،پاره:4، آل عمران، تحت الآیۃ96، جلد:4، صفحہ:31)

منقول آهي تہ ڪعبو شريف قيامت جي ڏينهن پهرين رات جي ڪنوار جيان ڪنيو ويندو تہ جن ماڻهن ان جو حج ڪيو اهي هن جي پردن سان لٽڪيل هوندا ۽ ان جي چوڌاري طواف ڪري رهيا هوندا ايستائين جو ڪعبو شريف جنّت ۾ داخِل ٿيندو تہ اهي بہ اُن سان گڏ داخِل ٿي ويندا. (احیاء العلوم، حج کا بیان، جلد:1، صفحہ:733)

طوافِ خانہ کعبہ، عجب دلچسپ منظر ہے تصدق ہو رہے ہیں، لاکھوں بندے گرد پھر پھر کر
(ذوقِ نعت، صفحہ:253)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪعبي شريف ۾ واضِح نشانيون آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪعبي شريف جو چوٿون وَصف جيڪو الله پاڪ

سيپاري 4، سوره آلِ عمران جي آيت:97 ۾ بيان فرمايو، اهو آهي:

فِيۡهِ اٰيٰتٌۢ بَيِّنٰتٌ مَّقَامُ اِبۡرٰهِيۡمَ ۚ
(پارہ4،سورۃآلِ عمران: 97)

ترجمو ڪنزالايمان: ان ۾ پڌريون نشانيون آهن ابراهيم جي بيهڻ جي جاءِ.

تفسيرِ نعيمي ۾ هن آيت جي حوالي سان آهي: هن مان مراد اهو ناهي تہ صِرف ڪعبي شريف ۾ الله پاڪ جون نشانيون آهن بلڪ مراد اهو آهي تہ خود ڪعبي شريف ۾، ان جي آس پاس مسجدِ حرام شريف ۾ بلڪ سڄي **مڪي پاڪ** ۽ حُدُودِ حرم ۾ الله پاڪ جون واضِح نشانيون آهن. (تفسیر نعیمی،پارہ:4، آل عمران، تحت الآیۃ97، جلد:4، صفحہ:37)

**اي عاشقانِ رسول!** ڪعبي شريف، مسجِدِ حرام ۽ **مڪي شريف** ۾ الله پاڪ جون اهي واضِح نشانيون ڪهڙيون آهن؟ هن باري ۾ مفسر سڳورا فرمائن ٿا: ❖ ڪعبي شريف وٽ مقامِ ابراهيم مَوجُود آهي، ❖ ”مقامِ ابراهيم“ هڪ جنّتي پٿر آهي ۽ هي اهو مُبَارَڪ پٿر آهي جنهن تي بيهي حضرت ابراهيم عَلَیۡہِ السَّلَام ڪعبي شريف جون ڏِيوارون بلند ڪيون، ❖ مقامِ ابراهيم اهو مُبَارَڪ پٿر آهي جو حضرت ابراهيم عَلَیۡہِ السَّلَام ان تي بيهي، ڪعبي شريف جون ديوارون مٿي ڪيون، جيتري قدر ديوار مٿي ٿيندي هئي، اهو پٿر بہ مٿي ٿي ويندو هو ۽ شام جو جڏهن حضرت ابراهيم عَلَیۡہِ السَّلَام لهندا هئا تہ اهو پٿر هيٺ ٿي ويندو هو، ❖ مقامِ ابراهيم اهو مُبَارَڪ پٿر آهي جو حضرت ابراهيم عَلَیۡہِ السَّلَام ان تي قدم مُبَارَڪ رکيا تہ اهو ايترو نرم ٿي ويو جو ان حضرت ابراهيم عَلَیۡہِ السَّلَام جي قدمن جا نشان پنهنجي سيني تي ورتا جيڪي هزارين سال گذرڻ جي باوُجود اڄا تائين مَوجُود آهن، ❖ الله پاڪ ان پٿر کي ايتري عظمت بخشي جو سمورن حاجين جا سر ان ڏانهن جهڪائي ڇڏيا، ارشاد آهي: (تفسیر نعیمی،پارہ:4، آل عمران، تحت الآیۃ97، جلد:4، صفحہ:37)

وَ اتَّخِذُوۡا مِنۡ مَّقَامِ اِبۡرٰهٖمَ مُصَلًّی

ترجموڪنزالايمان: ابراهيم جي بيهڻ جي

جاءِ کي نماز پڙهڻ جي جاءِ مقرر ڪري وٺو. (پاره1،سورۃالبقرۃ:125)
❖ ڪعبو شريف ئي اهو مُبَارَڪ مقام آهي جو ان جي ويجهو زَم زَم شريف جو کوهه آهي، ❖ زَم زَم اهو مُبَارَڪ پاڻي آهي جو اهو انهيءَ مقصد جي لاءِ آهي جنهن مقصد جي لاءِ ان کي پيتو وڃي، (مُسْتَدْرَک، کتابُ: الْمَناسک، جلد:2، صفحہ:132، حدیث:1782) ❖ زَم زَم شريف شِفَا جي لاءِ پيتو وڃي، الله پاڪ شِفَا عطا فرمائيندو،❖ زَم زَم شريف اُڃ پوري ڪرڻ جي لاءِ پيتو وڃي، بک ختم ڪرڻ جي لاءِ پيتو وڃي ته اِن شَآءَ الله الڪرِيم! بک ختم ٿيندي، ❖ هي ئي اهو مبارڪ پاڻي آهي جنهن کي ان جي عظمت جي ڪري بيهي، قبلہ ڏانهن منهن ڪري پيتو ويندو آهي، ❖ زَم زَم هي اهو مُبَارَڪ پاڻي آهي جو ان کي پيءُ ڪري جيڪا دُعا گهري وڃي اها پُوري ٿيندي آهي.

یہ زَمْ زَمْ اُس لئے ہے جس لئے اس کو پیئے کوئی اسی زَمزمِ میں جنت ہے، اسی زَمزمِ میں کوثر ہے
(مُسْتَدْرَک، کتابُ: الْمَناسک، جلد:2، صفحہ:132، حدیث:1782)

❖ ڪعبي شريف وٽ حجرِ اَسوَد آهي، حجرِ اَسود به جنّتي پٿر آهي، ان کي هٿ لڳائڻ گُناهن کي ختم ڪندو آهي، قيامت جي ڏينهن ان پٿر جون به اکيون هونديون، جن سان هو ڏسندو، زبان هوندي جنهن سان اهو ڳالهائيندو ۽ پنهنجي استلام (يعني چمڻ) واري جي باري ۾ شاهدي ڏيندو. (ترمذی، کتاب: الحج، باب:ماجاء فی الحجر الاسود، صفحہ:254، حدیث:961) ❖ ڪعبي شريف سان گڏ ئي مَطَاف آهي، هي اهو مقام آهي جتي ڪعبي شريف جو طواف ڪيو ويندو آهي، ان جڳهه تي چار سؤ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جا مزار آهن. ❖ ڪعبي شريف جي ويجهو ئي حطيمِ پاڪ ۾ سنگِ اسماعيل يعني حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام ۽ سندن والده حضرت هاجره رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا جا مزار آهن، ❖ انهيءَ ڪعبي شريف جي قريب صَفَا ۽ مَروَه 2 پهاڙيون (ٽڪريون) آهن، ❖ انهيءَ ڪعبي شريف جي ويجهو الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ولادت واري جڳهه آهي، ❖ انهيءَ ڪعبي شريف جي ويجهو مِنيٰ، مُزدَلفه ۽ عرفات جهڙا مُبَارَڪ مقام آهن. ❖ اهو ڪعبو شريف

ئي آهي جو ان جي عزت جي پيشِ نظر پڪي ان جي مٿان نہ اڏامندا آهن.❖ هي ئي اهو **ڪعبو شريف** آهي جو جڏهن ڪو پکي بيمار ٿئي تہ ان جي فِضَا مان لنگهي شِفَا ماڻيندو آهي. ❖ انهيءَ ڪعبي شريف جي حِفَاظت جي لاءِ ابابيل ذريعي فِيل (يعني هاٿي) مارايا ويا. ❖ انهيءَ **ڪعبي شريف** ڏانهن ماڻهن جون دِليون قدرتي طور تي مائِل ٿينديون آهن. ❖ انهيءَ **ڪعبي شريف جي بَرَڪت** آهي جو **مڪي پاڪ** ۾ پيداوار ڪجهہ ناهي، پر هتي ڏڪار ناهي ٿيندو. ماڻهو بکارا ناهن مرندا. ❖ انهيءَ **ڪعبي شريف جي بَرَڪت آهي جو** هر سال لکين ماڻهو حج جي لاءِ هتي پهچي ويندا آهن. ان جي باوُجُود نہ اُتي کاڌي جي ڪمي ٿيندي آهي، نہ اُتي پاڻي گهٽ ٿيندو آهي. ان کان عِلاوه قُدرت جون بيون کوڙ ساريون نشانيون آهن جيڪي ڪعبي شريف ۾، مَسجِدِ حرام ۾ ۽ **مڪي پاڪ** ۾ **مَوجُود آهن.** (تفسير نعيمى،پاره:4، آل عمران، تحت الآيۃ97، جلد:4، صفحہ:37)

## ڪعبو شريف اَمن وارو مقام آهي

**اي عاشقانِ رسول!** ڪعبي شريف جو پنجون مُبَارَڪ وَصف جيڪو الله پاڪ سيپاري: 4، سوره آلِ عمران، آيت:97 ۾ بيان فرمايو، اهو هي آهي تہ:

وَمَنْ دَخَلَهٗ كَانَ اٰمِنًا ؕ — كنزالايمان: ۽ جيڪو ان ۾ آيو سو امن وارو ٿيو

سُبحٰنَ الله! ڪعبي شريف جو ڪيڏو شان آهي...!! الله پاڪ ان کي اَمن وارو بڻايو ۽ رکيو اهو نہ بلڪ ڪعبي شريف **جي بَرَڪت سان الله** پاڪ سڄي حرم جي حدن کي اَمن وارو مقام بڻايو آهي.

هاڻي هتي پهريان حُدُودِ حرم سمجهي ونو! شيخ طريقت، امير اهلسنت، حضرت علّامہ مولانا محمد الياس عطار قادِري رضوي، ضيائي دَامَت بَرَڪاتُهمُ العَالِيہ فرمائن ٿا: عام طور تي ماڻهو صرف ”مسجدُ الحرام“ کي حرم شريف چوندا آهن، ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ مسجدِ حرام شريف حرمِ مُحتَرم ۾ ئي داخل آهي

پر حرم شريف مڪي پاڪ سميت، ان جي چؤڌاري ڪيترن ئي ميلن تائين پکڙيل آهي ۽ هر طرف ان جون حدون نهيل آهن، هڪ تاريخدان جي جديد ماپ جي حساب سان حرم جو علائقو 127 ڪلوميٽر آهي جڏهن ته حرم شريف جو ڪُل رقبو 550 چورس ڪلوميٽر آهي. (رفيق الحرمين، صفحه:89)

اهو سڄو رقبو جنهن ۾ جهنگ به شامِل آهي، ان جي اندر اندر سائو گاهه پٽڻ حرام، هتي جا وڻ ڪپڻ حرام، هتي جي جانورن کي تڪليف پهچائڻ حرام ايستائين جو جيڪڏهن سخت اُس هجي ۽ هڪ ئي وڻ هجي، ان جي ڇانو ۾ هرڻ ويٺل هجي ته پنهنجي ويهڻ جي لاءِ ان هرڻ کي اٿارڻ جائِز ناهي، **مڪي پاڪ** جي ڪبوترن کي اُڏائڻ، انهن کي ڊيڄارڻ، انهن کي ڪنهن طرح تڪليف پهچائڻ منع آهي، (بهارِ شريعت، حصه:6، جلد:1، صفحه:1085-1086) هتان کان اندازو لڳايو! جڏهن **مڪي شريف** جي جانورن جو ايترو ادب آهي ته اتي جي مسلمان انسانن جو ڪيترو ادب هوندو...؟ تفسير صراط الجنان ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو شخص قتل ۽ جُرم ڪري حُدُودِ حرم ۾ داخِل ٿي وڃي ته اتي نه ان کي قتل ڪيو ويندو ۽ نه ان تي حَد (يعني شرعِي سزا) قائِم ڪئي ويندي. ٻي خليفي، اَمِيرُ المُؤمِنِين حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: جيڪڏهن مان پنهنجي والِد خطّاب جي قاتِل کي به حرم شريف ۾ ڏسان ته ان کي هٿ نه لڳائيندس ايستائين جو هو حرم جي حدن کان ٻاهر نڪري. (تفسير صراطُ الجنان، پاره:4، سورهٔ آلِ عمران، زيرِ آيت:97، جلد:2، صفحه:16)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪعبي شريف جو حج ڪيو ويندو آهي

ڪعبي شريف جو ڇهون وَصف سيپاري 4، سوره آلِ عمران جي آيت:97 ۾ اهو بيان ٿيو، اهو اَصل ۾ قيامت تائين ايندڙ مسلمانن جي لاءِ هڪ حڪم آهي، الله

پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

وَلِلّٰهِ عَلَى النَّاسِ حِجُّ الْبَيْتِ مَنِ اسْتَطَاعَ اِلَيْهِ سَبِيْلًا ؕ وَمَنْ كَفَرَ فَاِنَّ اللّٰهَ غَنِيٌّ عَنِ الْعٰلَمِيْنَ. (پارہ4،سورۃآلِ عمران:97)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ الله جي لاءِ انهن ماڻهن تي ان گهر جو حج ڪرڻ آهي جيڪو انهيءَ تائين وڃي سگهي ۽ جنهن انڪار ڪيو پوءِ الله ساري جهان ڪان بي پرواهه آهي.

سُبحٰنَ الله! اها به ڪعبي شريف ئي جي خُصُوصِيت آهي جو رُوءِ زمين تي ٻي ڪنهن جاءِ تي حج ناهي ٿيندو، غير مسلمن مسلمانن تي اعتراض ڪندي چيو هو ته بيت المقدس انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جو قبلو آهي، الله پاڪ هن آيت ۾ ٻڌايو ته بيت المقدس جيڪر ڪوڙ سارن نبي سڳورن عَلَيْهِمُ السَّلَام جو قبلو رهيو آهي ته يقيناً اها بيت المقدس جي فضيلت آهي پر ❖ ڪعبو شريف اهو مُقَدَّس مقام آهي جو زمين جي پيدائش ڪان وٺي قيامت تائين جيڪڏهن ڪنهن جو طواف ڪيو ويندو هو، ڪيو ويندو آهي ۽ ڪيو ويندو ته اهو ڪعبو شريف ئي آهي، ❖ هي ئي اهو مقام آهي جتي جو طواف ٿيندو هو، ٿيندو آهي ۽ ٿيندو رهندو، ❖ اهو ئي اهو مقام آهي جتي حج ٿيندو هو، ٿيندو آهي ۽ ٿيندو رهندو ۽ اها خُصُوصيت دُنيا ۾ ٻي ڪنهن به مقام کي حاصِل نه آهي. ❖ ڪعبو شريف ئي اهو مُبَارَڪ مقام آهي جو انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام به هن جو حج ڪندا هئا ❖ اَبُو البشر حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام بَرّصغِير ۾ رهائش فرما هئا، هڪ روايت مطابق پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام هتان ڪان پيادل هلي 70 حج ڪيا بلڪ حضرت اِبنِ عباس رَضِیَ اللهُ عَنْه جي رِوايت ۾ آهي: حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام بَرّ صغير ڪان پيدل هلي هڪ هزار ڀيرا مڪي پاڪ آيا، ان ۾ 300 ڀيرا حج پڻ ڪيائون ۽ 700 عمرا ادا ڪيائون ❖ حضرت نُوح عَلَيْهِ السَّلَام به حج ادا فرمايو، ❖ حضرت هود عَلَيْهِ السَّلَام به حج ڪيو، ❖ حضرت صالِح عَلَيْهِ السَّلَام، ❖ حضرت شُعيب عَلَيْهِ السَّلَام به حج ڪيو ❖ بلڪ حديثِ پاڪ ۾ ته آهي: اهي تمام انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جن جي قومن تي عذاب آيا، جڏهن

أنهن جي قوم هلاڪ ٿي ويندي هئي تہ اهي **مڪي شريف** ايندا هئا ۽ دُنيا کان موڪلائڻ تائين هتي عِبادت ۾ مَصرُوف رهندا هئا ❖ حضرت مُجَاهد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان رِوَايت آهي: حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام ڳاڙهي رنگ جي اُٺ تي سُوار ٿي حج جي لاءِ آيا، پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام **ڪعبي شريف** جو طواف ڪيو، صَفَا ۽ مَروَه جي وچ ۾ سَعِي ڪئي، هتي پاڻ آسمان مان هڪ آواز ٻُڌو: لَبَّيک عَبدِي وَ اَنَا مَعَک اي منهنجا ٻانها لَبَّيک! مان توهان سان گڏ آهيان. اهو ٻُڌندي ئي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام سجدو ڪيو ❖ صحابِي اِبنِ صحابي حضرت عبد الله بِن زُبير رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي تہ بني اسرائيل جي طرف تشريف آڻيندڙ هڪ هزار انبياءِ ڪرام عَلَيْهِ السَّلَام حج جي لاءِ **مڪي پاڪ** آيا ۽ اهي سڀئي "ذُو طُويٰ" جي مقام تي پنهنجي نعلين شريف (يعني مبارڪ جوتا) لاهي **مڪي شريف** ۾ داخِل ٿيندا هئا.
(سُبل الهدىٰ، جلد:1، صفحہ:209-211 خُلاصةً)

مطلب تہ: اها ڪعبي شريف ئي جي خُصُوصيت آهي جو جيترن بہ نبي سڳورن عَلَيْهِ السَّلَام حج ڪيو، صِرف ۽ صِرف ڪعبي شريف ئي جو حج ڪيو، دُنيا ۾ ٻيو ڪو اهڙو مقام نہ آهي جتي حج ٿيو هجي يا آئنده ڪڏهن ٿي سگهي ٿو.

حج کا شرف ہو پھر عطا یارَبِّ مصطفٰے! میٹھا مدینہ پھر دکھا یارَبِّ مصطفٰے!
دیدے طوافِ خانۂ کعبہ کا پھر شَرَف فرما یہ پورا مُدَّعا یا ربِّ مصطفٰے
رُخ سوئے کعبہ ہاتھ میں زَم زَم کا جام ہو پی کر میں پھر کروں دُعا یارَبِّ مصطفٰے!
(وسائِلِ بخشش، صفحہ: 129)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حج جون فضيلتون

اي عاشقانِ رسول! هر اهو مسلمان جيڪو استطاعت (توفيق) رکي ٿو يعني جنهن وٽ **مڪي پاڪ** پهچڻ ۽ واپس اچڻ جو خرچ موجود آهي، پويان پنهنجي

گهروارن جي لاءِ بہ مناسب انتظامات ڪري سگهي تہ ۽ راهہ بہ پُراَمن آهي ۽ ٻيا شرط بہ پُورا آهن تہ ان تي حج فرض آهي، ان تي لازِم آهي تہ هو حج جي لاءِ وڃي ۽ جيڪڏهن ڪنهن تي حج فرض نہ آهي يا فرض حج ادا ڪري چڪو آهي، پوءِ بہ ان ڪي گهرجي تہ نفل حج ڪري ڇوتہ "حج ڪرڻ انبياء عَلَيۡهِمُ السَّلَام جي سُنّت" آهي.

سلطانِ مڪہ، سردارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: حاجي پنهنجي گهروارن مان چار سؤ جي شفاعت ڪندو ۽ گناهن کان ائين نڪري ويندو جيئن ان ڏينهن جڏهن ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿيو. (کَنۡزُ الۡعُمال، ڪتاب: حج و عمره،جز:5، جلد:3، صفحہ:7، حديث:11837) هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي: حج ڪندا رهو، ڇوتہ حج گُناهن کي اهڙي طرح ڌوئي ڇڏيندو آهي، جيئن پاڻي مير کي ڌوئيندو آهي. (معجم اَوۡسط، جلد:3، صفحہ:416، حديث:4997) حضرت ابو هريره رَضِیَ اللهُ عَنۡه کان روايت آهي، سرڪارِ عالي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جڏهن توهان ڪنهن حاجي کان مُلاقات ڪيو تہ ان کي سلام ۽ مُصَافَحو ڪيو ۽ ان کي چئو تہ اهو پنهنجي گهر ۾ داخل ٿيڻ کان پهريان توهان جي لاءِ مَغفِرت جي دعا ڪري، ڇوتہ ان جي مَغفِرت ٿي چڪي آهي. (مشکوٰةُ المصابيح، ڪتابُ : المناسِک، فصل:ثالث، جزء:1، جلد:1، صفحہ:472، حديث:2539)

حضورِ کعبہ حاضِر ہیں حرم کی خاک پر سر ہے　　بڑی سرکار میں پہنچے مقدر یاوری پر ہے
نہ ہم آنے کے لائق تھے، نہ قابل منہ دکھانے کے　　مگر ان کا کرم ذرہ نواز و بندہ پرور ہے
خبر کیا ہے بھکاری کیا کیا نعمتیں پائیں　　یہ اُونچا گھر ہے اس کی بھیک اندازہ سے باہر ہے

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمد لله! ذيقعده شريف جو مُبَارَڪ مهينو هلي رهيو آهي، هي اهو مُبَارَڪ مهينو آهي جو هن مهيني ۾ حج جا قافلا نڪرندا آهن، عشق وارا جن جو نصيب ڀلو ٿئي اهي حج تي روانگي جي لاءِ تيارين ۾

مَصرُوف ٿيندا آهن ۽ جِن ويچارن جو ڪو سبب ناهي بڻجندو اهي مڪي ۽ مديني جي ياد ۾ روئيندا، ڳوڙها ڳاڙيندا ۽ بارگاهِ الٰهي ۾ روئي روئي عرض پيش ڪندا آهن ته

بڑا حج پہ آنے کو جی چاہتا ہے        بُلاوا اَب آئے گا کب یااِلٰہی!
میں مکے میں آؤں، مدینے میں آؤں        بنا کوئی ایسا سبب یااِلٰہی!

تقريباً هر سال ئي لکين مسلمان حج جي سَعَادت ماڻيندا آهن پر افسوس! جڏهن کان ڪرونا وائرس آيو آهي، ان سبب جتي زِندگي جا ٻيا مُعَاملات متاثّر ٿيا آهن، اتي حج جهڙي عظيم عِبَادت تي به ان جو ڪافِي اَثر ٿيو آهي، پوئين سال به حج ته جيتوڻيڪ ٿيو پر پهرين وانگر لکين مسلمان **مڪي پاڪ** پهچي نه سگهيا، هن ڀيري به آخري اطلاع مُطَابِق مَحدُود ماڻهن کي **مڪي پاڪ جي** حاضِري جي اجازت ملي سگهندي. اللہ پاڪ جلد از جلد ڪرونا وائرس جي آفت کان جان ڇڏائي، اللہ پاڪ هن ڪرونا وائرس کي دُنيا مان ختم فرمائي. ڪاش! ٻيهر حاجين جا قافلا **مڪي شريف** روانا ٿيڻ لڳن ۽ وري پهريان جيان پُرڪيف مناظِر هجن، بهرحال جيڪڏهن اسان حج تي نه به وڃي سگهون تڏهن به پنهنجي دِل ۾ حج جي خواهش ضرور رکڻ گهرجي، جيتوڻيڪ حج تي روانگي جا اسباب نه ٿي سگهن پر اکين ۾ لڙڪ ته هجن، دِل ۾ تڙپ هجي، رات جو، ٿي سگهي ته تهجد جي وقت، تنهائي ۾ اللہ پاڪ جي بارگاهه ۾ دُعائون گهرجن،

یارب پھر اَوْج پر یہ ہمارا نصیب ہو        سُوئے مدینہ پھر ہمیں جانا نصیب ہو
مکہ بھی ہو نصیب، مدینہ نصیب ہو        دشتِ عرب نصیب ہو، صحرا نصیب ہو
حج کا سَفَر پھر اے مرے مولیٰ نصیب ہو        عرفات کا، مِنٰی کا نظارہ نصیب ہو
کعبے کے جلووں سے دِلِ مضطر ہو کاش! شاد        لطفِ طوافِ خانۂ کعبہ نصیب ہو
کس طرح شوق سے وہاں کرتے تھے ہم طواف        پھر گردِ کعبہ جھوم کے پھرنا نصیب ہو

الله پاڪ اسان سڀني کي عشقِ مڪہ ۽ عشقِ مدينہ نصيب فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِيۡن صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: فجر جي لاءِ جاڳائڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! مڪي مديني جو عشق ماڻڻ، نيڪ نمازي بڻجڻ ۽ نيڪين ڀري زِندگي گذارڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ 12 ديني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حِصو وٺو! اِن شَآءَ الله الڪرِيم! زِندگي ۾ نيڪين جي بهار اچي ويندي، الله پاڪ جي رضا وارا ڪم ڪرڻ جا موقعا نصيب ٿيندا. 12 **ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم آهي: فجر جي لاءِ جاڳائڻ.**

## حج جي سَعَادت نصيب ٿي وئي

پنجاب جي علائقي اِلٰہ آباد (ضلع قصور) جي رهائشي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: الحمد لله! مان دَعوَتِ اِسلَامي جي ديني مَاحَول سان وَابَستہ ته هئس پر ديني ڪمن جي سلسلي ۾ سُستي جو شِڪار هئس، هڪ ڏينهن هڪ ذِمّيدار اسلامي ڀاءُ مون کي سمجهائيندي ديني ڪم ڪرڻ ۽ خاص ڪري "فجر جي لاءِ مسلمانن کي جاڳائڻ واري" ديني ڪم جي خوب پابندي ڪرڻ جي ترغيب ڏياري، الحمدلله! منهنجو ذِهن بڻجي ويو ۽ مون اڳئين ڏينهن ان تي عَمَل شروع ڪري ڇڏيو. فجر جي لاءِ مسلمانن کي جاڳائڻ تہ ڇا شروع ڪيو، الله پاڪ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ڪرم ٿي ويو، قسمت جو تارو هيئن چمڪيو جو انهيء سال مون کي مديني جي حاضري جي سَعَادت نصيب ٿي، ويتر وڌيڪ اهو ڪرم پڻ ٿيو جو منهنجي وڏي ڀاءُ کي بہ حج جي سَعَادَت نصيب ٿي وئي.

عطائے حبیبِ خُدا مدنی ماحول ہے فیضانِ غوث و رضا مدنی ماحول
سنور جائے گی آخرت اِنْ شَآءَ اللہ! تم اپنائے رکھو سدا مدنی ماحول

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ”حج ۽ عمرو“ موبائل ايپليڪيشن

اي عاشقان رسول! الحمد لله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جديد ٽيڪنالوجي جي ذريعي بہ عِلمِ دين عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. هن حوالي سان دَعوَتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ طرفان مختلف موبائل ايپلي ڪيشنز جاري ڪيون ويون آهن، انهن مان هڪ ايپلي ڪيشن آهي: ***hajj &umrah*** (حج ۽ عمرو).

هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان اوهان حج ۽ عمري جو مختصر طريقو ۽ حج ۽ عمري بابت ضروري مسئلا وغيره سکي سگهو ٿا، ان کان عِلاوه هن موبائل ايپليڪيشن ۾ حج و عمره جون دُعائون، حرمين شريفين جي اَهم زيارت جي مقامن جي معلومات وغيره بہ شامِل آهي، هن موبائل ايپلي ڪيشن جي هڪ تمام اَهم خاصيت اها آهي تہ هن ۾ ٿري ڊِي ويڊيوز (3D Videos) جي ذريعي حج ۽ عمري جو عملي طريقو بہ سيڪاريو ويو آهي. جن وٽ اسمارٽ فون (Smart Phone) جي سهولت آهي، اهو اها ايپلي ڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري وٺي، هن مان فائدو کڻو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت ۽ چند آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سَعَادت حاصِل ڪيان ٿو. هڪ ڏينهن تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ٽي ڀيرا فرمايائون: منهنجي نائِب تي الله پاڪ جي

رَحمت وسي. عَرض ڪيو ويو: حُضُور! اوهان جا نائِب ڪير آهن؟ فرمايائون: **منهنجي سُنّت سان مَحبَّت ڪرڻ ۽ ٻين کي سيکارڻ وارا.** (جامع بيانِ عِلْم، بَابُ:عِلْم کے فضائل، جلد: 1صفحہ:201، حديث:220)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## صُلح ڪرائڻ سُنَّتِ مصطفيٰ آهي

**فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشِمي** صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡهِ والِهٖ وَسَلَّمَ: **جيڪو شخص ماڻهن جي وچ ۾ صُلح ڪرائيندو الله پاڪ ان جو معاملو دُرُست ڪندو ۽ ان کي هر ٻول جي بدلي ۾ هڪ غُلام آزاد ڪرڻ جو ثواب عطا ڪندو، ۽ جڏهن هو موٽندو ته پنهنجي اڳوڻن گناهن کان مَغفِرَت يافته ٿي موٽندو.** (اَلتَّرْغِیْب وَالتَّرْهِیْب، کتاب: الادب، باب:فی اصلاح بین الناس، صفحہ:893، حديث:9)

**اي عاشقانِ رسول! مسلمان ڀائرن جو پاڻ ۾ "صلح ڪرائڻ" سُنتِ مصطفيٰ آهي، جيڪڏهن ڪڏهن صحابي سڳورن** عَلَیۡهِمُ الرِّضۡوَان **جي وچ ۾ ڪا غلط فهمي ٿيندي هئي يا ڪڏهن 2 صحابي سڳورن ۾ اڻبڻت ٿيندي هئي ته اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡهِ والِهٖ وَسَلَّمَ **حڪمتِ عملي سان انهن ٻنهي ۾ صلح ڪرائيندا هئا، جيئن هڪ ڀيري غير مسلمن جي سازش سبب صحابہ ڪرام** عَلَیۡهِمُ الرِّضۡوَان **جي ٻن وڏن قبيلن اَوس ۽ خزرج وچ ۾ تڪرار ٿيو، جڏهن سرڪارِ عالي وقار، مديني جي تاجدار** صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡهِ والِهٖ وَسَلَّمَ **کي ان جي خبر ٿي ته پاڻ ڪريم** صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡهِ والِهٖ وَسَلَّمَ **آيا ۽ انهن جي پاڻ ۾ صلح ڪرائي، اهڙي طرح پياري آقا، سردارِ انبياء** صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡهِ والِهٖ وَسَلَّمَ **جي صلح ڪرائڻ جا ڪوڙ واقعا آهن، جن جو تفصيلي ذِڪر سيرت جي ڪتابن مثال طور *-سيرتِ مصطفيٰ ۽ *-سيرتِ رسولِ عربي وغيره مان پڙهي سگهجي ٿو.**

**پيارا اسلامي ڀائرو! صلح ڪرائڻ بابت اهو ياد رهي ته مسلمانن جي وچ ۾ اها ئي صلح ڪرائڻ جائِز آهي جيڪا شريعت جي دائري ۾ هجي، مَدَني**

**مصطفيٰ، محبوبِ خُدا** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ **جن فرمايو: مسلمانن جي وچ ۾ صلح ڪرائڻ جائِز آهي پر اها صلح** (جائِز ناهي) **جيڪي حرام کي حلال ڪري يا حلال کي حرام ڪري.** (ابو دَاوُدْ، كتاب:الاقضية، باب: فی صلح، صفحہ:570، حديث:3594)

صلح ڪرائڻ جي حوالي سان وڌيڪ معلومات جي لاءِ مکتبة المدينہ جو رسالو "**صلح ڪرائڻ جون فضيلتون**" پڙهي وٺو.

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاہِ وَ عَلٰی اٰلِہٖ وَ صَحْبِہٖ وَ سَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن. (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا)

### ﴿2﴾ سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناھ معاف ڪيا ويندا. (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65)

### ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. (القول البديع، الباب الثانى، ص277)

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف ڪي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149)

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنۡهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. (القول البديع، الباب الاول، ص125)

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. (الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١)

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

**حضرتِ سَیِّدُنا ابنِ عباس** رَضِیَ اللہُ عَنۡہُمَا **کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ** صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.** ( مجمع الزوائد،کتاب الادعیۃ،باب فی کیفیۃ الصلاۃ...الخ،254/10،حدیث:17305)

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، **اللّٰہ** عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۾ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: **جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.** (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حدیث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد